# بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن ڪراچي

سيڪنڊري اسڪول سرٽيفيڪيٽ امتحان

## ماڊل پيپر 2023ع

## سنڌي سليس(لازمي)

ڪلاس ڏهون- (سائنس گروپ)

وقت: ٽي ڪلاڪ **ڪل مارڪون: 75**

### حصو "الف" (گهڻ چونڊائتا سوال) 20%

وقت: 30 منٽ مارڪون:15

1. نوٽ: هن حصي مان 15 **MCQs** ڏنا ويندا. هر هڪ سوال هڪ مارڪ جو آهي.

**MCQs** تمام سبقن ۽ نظمن مان ڏنا ويندا.

## Main Paper

وقت: اڍائي ڪلاڪ ڪل مارڪون:60

### حصو "ب" (مختصر جواب جا سوال) 40% مارڪون 30

2. هيٺين مان ڪن به پنجن سوالن جا جواب لکو:- 10

(i) ڪينجهر لڳڻ اصطلاح جي معنيٰ ڇا آهي؟

(ii) عربن جي دؤر ۾ سنڌي ادب جا ڪهڙا اهڃاڻ ملن ٿا؟

(iii) سليم ۽ ارشد ڏاڙيلن جو خاتمو ڪيئن آندو؟

(iv) ڪڙميءَ ڪي خواب جو تعبير ڪنهن ٻڌايو؟

(v) اجرڪ جا ڪهڙا چار رنگ ٿيندا آهن؟

(vi) خط لکڻ جي شروعات ڇا سان ڪئي ويندي آهي؟

(vii) حضرت سلمان فارسيؓ ڪٿي جو رهاڪو هو؟

(viii) شاعر هاريءَ ڪي ڪهڙي دعا ٿو ڪري؟

(ix) شاعر ڪنهن جي مٿان سر ساهه گهورڻ ٿو گهري؟

3. هيٺين لفظن مان ڪن به ڇئن جا جملا ناهيو:- 4

پسارا - هاڪ - تڪرار - نيڪنامي - بهبود ۽- مستحق - پڇاڙي

4.(الف) هيٺين لفظن مان ڪن به ڇئن جا ضد لکو:- 4

حرام - رهبر - خادم - سخي - خراب - شهر - عوام

(ب) هيٺين لفظن مان ڪن به ٽن جا واحد يا جمع لکو:- 3

دعائون - هٽُ - هاٿي - ڪمرا - قوم - پکو

(ج) هيٺين لفظن مان ڪن به ٽن جامذڪر يا مونث لکو:- 3

عورت - ڊاڪٽر - ڳئون - چاچي - جهرڪي - شهزادي

(د) هيٺين مان ڪنهن به هڪ جي مثال ڏيئي وصف لکو:- 2

حرف جر ، ظرف

5. هيٺين مان ڪن به ڇئن اصطلاحن جي سنڌيءَ ۾ معنيٰ لکو:- 4

گوءِ ڪٽي وڃڻ - ڪينجهر لڳڻ - ڳڻ ڳائڻ - لذت چڱڻ - هڙان ڏيڻ - پيرن هيٺان لتاڙڻ - پڇاٽو ٽيڻ

**(هلندڙ)**

يا

هيٺ ڏنل پئراگراف پڙهي آخر ۾ ڏنل سوالن جا جواب لکو:

رڏٽو هميشہ ٻهاريل، اڇو اجرو هجي. تنهن کان پوءِ اهو بہ ڌيان ۾ رکجي، تہ رڌڻي کي مهيني ٻن کان پوءِ ليپو ضرور ڏجي. رڌپچاءُ ۾ ڪاڌي پيتي جي ٿانون کي ڇار سان ملي صاف ڪجي. ڇار ۾ سٽپ ۽ ميراڻ جذب ٿي وڃن ٿا.

(i) رڌڻو ڪيئن هئڻ گهرجي؟

(ii) رڌپچاءُ ۾ ڪاڌي پيتي جا ٿانو ڇا سان ڌوئڻ گهرجن؟

(iii) ڇار ۾ ڇا جذب ٿين ٿا؟

(iv) رڌڻي کي مهيني ٻن کان پوءِ ڇا ڪرڻ گرجي؟

## حصو "ج" (بياني جواب جا سوال) 40% مارڪون 30

6. هيٺين مان ڪنهن بہ هڪ عنوان تي مضمون لکو:- 6

(i) استاد جي عظمت (ii) بهار جي موسم (iii) يومِ پاڪستان

7. پنهنجي اسڪول جي هيڊماستر/هيڊماستريائڻيءَ کي پڪنڪ تي وڃڻ جي اجازت لاءِ درخواست لکو. 6

يا

پنهنجي والد صاحب کي خط لکي ڪائنس ڪتابن ۽ يونيفارم جي خريداريءَ لاءِ پنج هزار رپين جي گهر ڪريو.

8. هيٺ ڏنل شعرن مان ڪن بہ ٻن جي سمجهاڻي نظم ۽ شاعر جي حوالي سان لکو: 6

(i) هميشہ شال دنيا ۾ جهنڊو اسلام جو جهولي،
جتي پيي سو وڃي پهچي، رهي قائم اتي برپا.

(ii) آريءَ جـــي اڇـڻ جي روز نهاريـــان راهہ،
آڏيندس الله، مـــون ســــر صدقي ڪيـــو.

(iii) تنهنجي محنت لائـــي رنگ،
ڏک وڃن ٿئي سک جو سنگ.

(iv) تنهنجي مٽيءَ ۾ مشڪ ۽ تنهنجي هوائن ۾ هڳاءُ،
مهراڻ جي هر موج ڇڻ امــــرت سندي ڌارا وطن.

يا

هيٺ ڏنل بند جي تشريح نظم ۽ شاعر جي حوالي سان لکو:-

مون سان جي ڪٽي ڪو بہ برائي ٿو ڪـري،
دل منهنجي برائيءَ مان نہ تہ بہ ان ڏي وري،
آءُ ان سان بہ دل ساڻ ڪندس پيو نيڪـــي،
توفيق جـــو هٿ شـــــال خــــداوند ڌري!

9. (الف) هيٺين مان ڪنهن بہ هڪ سبق جو"خلاصو" يا "مرڪزي خيال" لکو:- 5

(i) هنر دولت آهي (ii) ٻہ تہ ٻارهن (iii) نصرپور

(ب) هيٺين مان ڪنهن بہ هڪ نظم جو مرڪزي خيال لکو:- 4

(i) ٻڻايون سک جو ڪو سنسار (ii) هاري (iii) ڏيئو

(ج) هيٺ ڏنل پيراگراف جو اردوءَ ۾ ترجمو ڪريو:- 3

آءُ اوهان کي يقين ٿو ڏياريان تہ دنيا ۾ اوهان جي ضمير کان وڌيڪ ڪا بہ شئي نہ آهي. جڏهن اوهان خدا جي حضور ۾ پيش ٿيو تڏهن اوهان خوداعتماديءَ سان چئي سگهو تہ مون تي جيڪي فرض رکيل هئا اهي مون پورا ڪري ڇڏيا.

-----------